ڏاهن ليندو جڏهن سڀ گڏجي ڪم ڪندا. هڪ ٻئي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندا.

مان تہ توهان ساهتڪارن جي پيٽ ۾ جيتامڙي آهيان، ۽ ٻوليءَ سان پيار اٿم. جڏهن ٻار هندي ۽ انگريزي ڳالهائيندا رهندا آهن تڏهن دل روئي اُٿندي آهي

”ٻولي آهي ماءُ
ڳالهائين گهر ۾ بہ نٿو،
ڏين ٿو گهرو گهاءُ.“

”سنڌي ٿيءُ سُڄاڳ
ٻولي هٿن مان ٿي وڃي،
لوچي لهہ ڪو ماڳ.

جڏهن منهنجو پهريون شعر ’نوورنيِ‘ نئين دنيا ۾ هو تڏهن ياءُ اُتم مونکي گهڻو همٿايو هو. پوءِ مون کي سال گهرو جهنجهٽن ۽ نوڪريءَ جي چڪر چڏي ڏنو هو پر پڙهڻ جو شوق قائم رهيو آهي. ۾ جيڪي بہ ڪتاب مخزنون ايندڙيون آهن سي آءٌ پڙهندي آهيان. ياءُ اُتم جا بہ ڪي مضمون ۽ پڙهندي پئي رهيِ آهيان. جي مان ڀُلجان نٿيِ تہ جيِ ڊائري‘ (سنڌ ۾ اختر بلوچ جو لکيل ڪتاب ’نئين دنيا‘ پاران آڪٽوبر ۱۹۷۳ع ۾ ڇپايل آهي) ڏاڍو وڻيو هو.

جڏهن شيخ اياز ۱۹۹۰ع ۾ هتي ’سپون‘ پاران سيمينار تي آيو هو تڏهن تہ گهڻو ڪري روز هئاسين. وري ابراهم جويو صاحب بہ اسان وٽ تڏهن بہ گهڻو ويجهو آياسين.

انسان آهيون، هڪ ٻئي سان ڪنهن ڳالهہ تي ٺيڪ سياويڪ آهي. پاڻ ۾ ويهيِ خيالن جيِ ڏي وٺ سگهجي ٿيِ جنهن ۾ پيار بہ رهجيِ اچي ۽ خيالن ڏي وٺ بہ ٿيِ وڃي. اهو منهنجو خيال آهي. ياءُ اُتم لاءِ ڏاڍي عزت آهي. سندري، آشا ۽ سان منهنجو پيار آهي.

مان سوچيندي آهيان تہ سنڌيِ ٻوليءَ جا ساهتڪار آهن جو هڪ ٻئي کي ڇوڻ چائڻ ۾ وڃايون ؟ ٻوليءَ لاءِ ڪو نوس ۽ عمليِ ڪم ڪريون زنده رهي. ٻارن ۾ ٻوليِ سکڻ جو چاهہ پيدا